www.dailymehran.com.pk

Reged: No. SC-NS-44 ABC کان باقاعده تصديق ٿيل ABC

THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)

روزانه مهراڻ

چيف ايڊيٽر
فقير منٺار مگريو

حيدرآباد، سنڌ

جلد(70) چنڇر 05 آگسٽ 2023ع بمطابق 17 محرم الحرام 1445هه شمارو (212) قيمت 20 رپيا

پي ڊي ايم جو اجلاس، اسيمبليون 9 آگسٽ تي ٽوڙڻ تي اتفاق، نگران وزيراعظم جو نالو فائنل ڪرڻ لاءِ اختيار وزيراعظم حوالي

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اتحادين جو ويڊيو لنڪ اجلاس ٿيو مولانا فضل الرحمان، بلاول ڀٽو زرداري، اختر مينگل سميت حڪمران اتحاد ۾ شامل پارٽين جا اڳواڻ شريڪ ٿيا، نگران سيٽ اپ آدمشماري ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ تي مشاورت ٿي

اڳواڻن اسيمبليون 9 آگسٽ تي ٽوڙڻ ۽ آدمشماري بابت سي سي آءِ جو فيصلو قبول ڪرڻ تي اتفاق ڪيو، اجلاس ۾ نگران وزيراعظم جي لاءِ شاهد خاقان عباسي، حفيظ شيخ، فواد حسن فواد ۽ اسلم ڀوتاڻي جي نالن تي مشاورت ڪئي وئي

اتحادين وزيراعظم کي اپوزيشن ليڊر سان وزيراعظم جي نالي تي صلاح مشوري جي منظوري ڏني، نگران وزيراعظم جو نالو فائنل ڪرڻ جو اختيار وزيراعظم شهباز شريف کي ڏنو ويو، هو جنهن کي مناسب سمجهي نگران وزيراعظم نامزد ڪري

اهم ڪيو ته نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت لاءِ وقت گهربو، محسن داوڙ به نالا تجويز ڪيا، بلاول، اختر مينگل ۽ مولانا فضل الرحمان ڪنهن به نالي تجويز نه ڪيو. بلاول جلدبازي ۾ قانون سازي تي خدشن جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اين اين آءِ، ٻر ٻا) وزيراعظم شهباز شريف نگران وزيراعظم جي نالي تي اتحادين سان صلاح مشورا ڪري ورتا اتحادي پارٽيون وزيراعظم کي مڪمل اختيار ڏئي ڇڏيو اپوزيشن ليڊر سان صلاح مشوري کان پوءِ نگران وزيراعظم جو نالو سامهون اچي ويندو تفصيل / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

سپريم ڪورٽ توشه خانه ڪيس جون اپيلون اڪلائي ڇڏيون

توشه خانه ڪيس بابت اپيلان جي ٻڌڻي جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ ٽن رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي آخري فيصلي تائين توشه خانه ڪيس جو فيصلو نٿي ڪري سگهي

اسلام آباد (اين اين آءِ) سپريم ڪورٽ آف / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

پي ٽي آءِ چيئرمين جي تقريرن تي ميڊيا تي پابندي جي خلاف درخواست جي ٻڌڻي الجهائي مدي تائين ملتوي

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي تقريرن تي ميڊيا ۾ پابندي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 26

انساني حقن واري ڪميٽي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر مهرين ڀٽو پاران پوليس جي شهيدن کي ڀيٽا

اسلام آباد (اين اين آءِ) انساني حقن واري ڪميٽي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر مهرين ڀٽو پاران/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 27

سينيٽ مان ماليياتي ڏوهن تي ضابطي لاءِ اٿارٽي ناهڻ جو بل منظور، پيمرا ترميمي بل تي ميمبرن جا اعتراض، ڪميٽي حوالي

حڪومت مني لانڊرنگ ۽ دهشتگردي جي مالي مدد روڪڻ لاءِ نئين اٿارٽي قائم ڪرڻ جو بل قومي اسيمبلي کان پوءِ ڏينهن ئي سينيٽ مان به منظور ڪرائي ورتو

چيئرمين سينيٽ صادق سنجراڻي پاران بل تي ووٽنگ ڪرائي وئي، بل جي حق ۾ 28 ۽ مخالفت ۾ 9 ووٽ آيا، جنهن بعد بل کي منظور ڪيو ويو

اطلاعات واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پاران پيمرا ترميمي بل سينيٽ ۾ پيش ڪيو ويو، جنهن جي رضا رباني سميت مخالف ڌرجي ميمبرن پاران سخت مخالفت ڪئي وئي

پيمرا ترميمي بل اظهار جي آزادي تي راتاهو هڻڻ برابر آهي، موجوده حڪومت پي ٽي آءِ تي تنقيد ڪندي هئي پر پاڻ ان کان به قدم اڳتي وڌي وئي آهي: رضا رباني ۽ ٻيا

اسلام آباد (اين اين آءِ، ٻر ٻا) وفاقي حڪومت مني لانڊرنگ ۽ دهشتگردي جي مالي مدد روڪڻ لاءِ نئين اٿارٽي قائم ڪرڻ جو هڪ بل قومي اسيمبلي کان پوءِ ڏينهن ئي سينيٽ مان به منظور ڪرائي ورتو جڏهن ته ڪيترن ئي سينيٽ ميمبرن بل جي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 1

اسلام آباد: سينيٽر شيري رحمان سينيٽ ۾ خطاب ڪندي

اليڪشن ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي بنيادي ذميواري آهي: سپريم ڪورٽ

اليڪشن ڪميشن کهڙي به ريت چونڊن جي تاريخ کي پاڻمرادو نٿو وڌائي سگهي

اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪرائڻ جو ماسٽر نه آهي نه ئي آئيني ادارو آهي: جاري ڪيل فيصلو

اسلام آباد (اين اين آءِ) سپريم ڪورٽ پنجاب ۾ 14 مئي تي اليڪشن ڪرائڻ جي ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 1

وزيراعظم سي سي آءِ جو اجلاس اڄ طلب ڪري ورتو، ڊجيٽل آدمشماري جي منظوري جو امڪان

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ وڏو وزير شماريات ورڻ جا عملدار ۽ ٻيا شرڪت ڪندا

اجلاس ۾ ڊجيٽل آدمشماري جي رپورٽ جو جائزو ورتو ويندو، صوبائي حڪومتون آدمشماري جي نتيجن تي پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪنديون

اسلام آباد (مر ٻا) وزيراعظم شهباز شريف سي سي آءِ جو اجلاس اڄ طلب ڪري ورتو آهي. سڏايل اجلاس ۾ ڊجيٽل آدمشماري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

پي ٽي آءِ جي 8 سنڌ اسيمبلي ميمبرن جي بنيادي ميمبرشپ معطل

شوڪاز نوٽيس جو تسلي بخش جواب نه ڏيڻ تي 8 سنڌ اسيمبلي ميمبرن جي بنيادي پارٽي ميمبرشپ معطل ڪئي وئي

پي ٽي آءِ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عمر ايوب پاران ڄاڻايل ميمبرن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 19

ڪسٽمز جا سينيئر آفيسر رشوت عيوض اسمگلنگ جي اجازت ڏيڻ ۾ ملوث

ڪراچي (بيورو) ڪسٽمز آفيسرن جي رشوت جي عيوض اسمگلنگ جي اجازت ڏيڻ جو / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشا خانه ڪيس ٻي عدالت منتقل ڪرڻ بابت پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست رد ڪري ڇڏي

عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي 8 درخواستن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو، توشا خانه ڪيس ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيڻ جو سيشن ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو ويو

سيشن ڪورٽ کي ڪيس ٻيهر ٻڌي فيصلو ڪرڻ جي هدايت، ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي دفاع جو حق بحال ڪرڻ جي درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري

اسلام آباد (مر ٻا) هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي 8 درخواستن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو هاءِ ڪورٽ توشا خانه فوجداري ڪارروائي جو ڪيس ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيڻ جو سيشن ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 19

هفتيوار بنيادن تي ملڪ ۾ مهانگائي 1.30 سيڪڙو وڌي وئي

ساليانو بنيادن تي مهانگائي جي ڪل شرح 29.83 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

23 ضروري شين جون قيمتون مهانگيون ٿيون 7 ضروري شيون سستيون ٿيون 21 جون قيمتون مستحڪم رهيون

اسلام آباد (اين اين آءِ) هفتيوار بنيادن تي ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح 1.30 سيڪڙو وڌي وئي جنهن کان پوءِ ڪل شرح 29.83 تائين پهچي، گذريل هفتي اداري هفتيوار مهانگائي جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا جنهن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 18

پي ٽي آءِ چيئرمين جي تقريرن ڏوهن جي اعترافن جي پهرين قسط آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

پاجوڙ سانحو ۽ طالبان جو نالو وٺڻ کان جي رڪالت امن دشمن ۽ رياست دشمني جو ثبوت آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ان جا سرپرست ڪيئن دهشتگردن کي پاڪستان ۾ وٺي آيا

اسلام آباد (اين اين آءِ) پي پي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي تقرير سندس ڏوهن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 21

ڪرم الله وقاصي کي ڪي ايم سي ڪراچي ۾ چيف وهپ پاڪستان پيپلزپارٽي مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ڪرم الله وقاصي کي ڪي ايم سي ڪراچي ۾ چيف وهپ پاڪستان پيپلزپارٽي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 20

جيڪڏهن آءِ ايم ايف پروگرام نه به هجي ها ته پاڪستان ڊيفالٽ نه ڪري ها: اسحاق ڊار

پاڪستان وٽ آءِ ايم ايف کان سواءِ پلان بي به موجود هو، نئون ٽيڪس نه لڳايون ها هاڻي مجبوري آهي

ستين ۽ اٺين اقتصادي جائزي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ تيل اسمن جا اڳهه وڌيڪ وڌيا

اسلام آباد (اين اين آءِ) وفاقي ناڻي واري وزير سينيٽر اسحاق ڊار چيو آهي ته جيڪڏهن آءِ ايم ايف پروگرام نه به هجي ها ته پاڪستان ڊيفالٽ نه ڪري ها پاڪستان وٽ آءِ ايم ايف کان سواءِ پلان بي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 17

عمران خان سان اها تائين خاص ورتاءُ ٿي رهيو آهي، جنهن شخص هر ريڊ لائين پار ڪئي اهو اڄ به محفوظ آهي: شرجيل انعام ميمڻ

عمران خان کي تاريخ تي تاريخ ملي رهي هئي هاڻي ڪيس رليف تي رليف ڏنو پيو وڃي 9 مئي تي جيڪو ڪجهه ٿيو ان تي قانون ۽ عدالتون ڪٿي آهن

سنڌ اسيمبلي پنهنجي مدي دوران رڪارڊ قانونسازي ڪئي ۽ هن پيري اسيمبلي جي ڪارڪردگي ۽ ڪيترائي انقلابي ڪم سر فهرست آهن

ڪراچي (بيورو) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ وڃي رهي آهي سنڌ اسيمبلي پنهنجي مدي دوران رڪارڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 16

ڪراچي: اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

عدالت پوليس مقابلو ۽ اقدام قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 31 سال جيل جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪراچي (بيورو) ڪراچي ۾ دهشتگردي ٽوڙ جي خاص عدالت پوليس مقابلو اقدام قتل ۽ غيرقانوني هٿيار جي ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار رمضان کي ڪل 31 سال جيل جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت جوابدار نعمان کي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 22

ڪنڌڪوٽ ۾ ٻيهي نوجوان پنهنجي پريميڪا کي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪراچي راهه واري علائقي ۾ نوجوان محمد آصف بروهي پنهنجي پريميڪا گوري ڪرائيل کي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

زخمي پريميڪا گوري ڪرائيل کي ڳڀيرو حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو مقتول نوجوان جو لاش اسپتال مان ڪارروائي بعد وارثن حوالي پوليس پاران جاچ جاري

ڪنڌڪوٽ (علي مگريو) نوجوان پريميڪا کي گوليون هڻڻ بعد پاڻ مٿان ميدا پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو. ڪراچي راهه واري علائقي ۾ نوجوان محمد آصف بروهي پنهنجي پريميڪا گوري ڪرائيل / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 15

ملير ندي ۾ وهنجڻ دوران 3 دوست ٻڏي ويا، هڪ فوت، 2 کي بچائي ورتو

ميمڻ گوٺ ويجهو ملير ندي ۾ وهنجڻ دوران 3 دوست ٻڏي ويا پوليس ريسڪيو ٽيمن ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻن کي بچائي ورتو

هڪ نوجوان ٻڏي فوت ٿي ويو، جنهن جي سڃاڻپ ڪوڪراپار واسي نياز علي طور ٿي جنهن جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ملير (ڊ ر) ملير ميمڻ گوٺ ٿاڻي جي حد ميمڻ گوٺ ويجهو ملير ندي ۾ وهنجڻ دوران 3 دوست ٻڏي ويا واقعي جي اطلاع تي پوليس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 14

گورنر سنڌ پاران مولانا الياس قادري کي ستاره امتياز ڏيڻ جي سفارش

ڪراچي (بيورو) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري دعوت اسلامي جي باني مولانا الياس قادري کي ستاره امتياز ڏيڻ جي سفارش ڪئي آهي ۽ ان حوالي سان سمري / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 23

قاسم آباد جي ميمڻ سوسائٽي ۾ دال جي واپاري جي گهر مان نوڪرياڻي ۽ سندس مڙس ڪروڙين روپين جي چوري ڪري فرار

نوڪرياڻي ۽ سندس مڙس ڏال جي واپاري سيٺ عبدالوهاب ميمڻ جي گهر جا تالا ٽوڙي 3 ڪلو 6 ڪروڙ ماليت جا سونا زيور، 50 لک روڪ چوري ڪري فرار ٿي ويا

قاسم آباد پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ گهر جي نوڪرياڻي ۽ ڏوهاري رڪارڊ رکندڙ سندس مڙس شامل آهن جاچ ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد (جي ايم چانڊيو) حيدرآباد ۾ نوڪرياڻي مڙس سان ملي سيٺ جو گهر ٻهاري وئي، گذريل رات دير سان قاسم آباد ۾ ميمڻ سوسائٽي اندر ڪروڙين روپين جي چوري جو واقعو پيش، دال جو واپاري / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 13

مستقبل ۾ خوراڪ جي بحران جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي: تنزيلا ام حبيب

سنڌ حڪومت جو آرڊي ۾ زرعي شعبي، زراعت ۽ ٽيڪنالاجي جي معاملن تي ڳالهين ڪم ڪري رهيا آهن

وڏي وزيرجي خاص مددگار جو سنڌ جي آر ٽي انسٽيٽيوٽ اڪيڊمي ۾ پروگرام کي خطاب

حيدرآباد (ٽنڊوڄام) (ٽماڻڪين وڻان) وڏي وزيرجي اطلاعات، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت خاص مددگار تنزيلا ام حبيب چيو آهي ته / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 12

سانگهڙ نوابشاهه روڊ تي بس جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي

سانگهڙ (س ر) سانگهڙ نوابشاهه روڊ تي بس جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 3 ڄڻا زخمي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 24

ڪڻڪ في ڪلو قيمت بلند ترين سطح تي پهچي 165 رپيا ٿي وئي

شين ذخيرو ڪرڻ ۽ بليڪ مارڪيٽ سبب ڪڻڪ جي قيمت 150 مان 165 رپيا في ڪلو ٿي وئي

بليڪ مارڪيٽنگ ۽ ذخيره اندوزي تي ڪنٽرول لاءِ حڪومت ڪي به اپاءَ نه ورتا

ڪراچي (بيورو) شين ذخيرو ڪرڻ ۽ بليڪ مارڪيٽ تي ڪنٽرول نه ٿيڻ سبب ڪڻڪ جي قيمت 150 مان 165 رپيا في ڪلو/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 17

وقت کان اڳ اسيمبلي ٽوڙڻ واري فيصلي تي پ پ سينيٽر قيادت ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا

پي پي اڳواڻ اسيمبلي وقت کان اڳ ٽوڙڻ جي معاملي تي متفق نه آهي

اتحادين جي دٻاءُ تي اسيمبلي ٽوڙڻ لاءِ رضامندي افسوس جوڳي آهي: سينيئر اڳواڻ

ڪراچي (بيورو) وقت کان اڳ اسيمبلي ٽوڙڻ جي فيصلي تي پي پي جي سينيئر اڳواڻن ۽ قيادت ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا فريحن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 16

سنڌ جي نگران سيٽ اپ لاءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان شعيب صديقي جو نالو چونڊي ڇڏيو

وڏي وزير جو ڪراچي جي آبادي بابت بيان زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي

ڪراچي ۾ احساس محرومي ڪنهن کان ڪٿي پهتي، ناانصافي جا نوان رڪارڊ قائم ٿيا

ڪراچي (بيورو) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ فاروق ستار چيو آهي ته سنڌ جي نگران سيٽ اپ لاءِ اسان پاران شعيب صديقي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 15

والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي غيرقانوني ۽ ظالمانه محاصري کي چار سال مڪمل ٿي ويا

ملڪ ۾ 5 آگسٽ کي "استحصال واري ڏينهن" طور ملهايو ويندو

پاڪستان ۽ ڪشمير جا جهنڊا اڀاريا ويندا، مختلف هنڌن تي ريليون، جلسا ۽ سيمينار منعقد ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو) والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي حڪومت جي غيرقانوني ۽ ظالماڻي فوجي محاصري کي 4 سال مڪمل / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 13

صدر عارف علوي انشورنس اٿارٽي جي قيام سميت ٽن بلن جي منظوري ڏئي ڇڏي

صدر اليڪشنز ترميمي بل 2023 جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 75 تحت ڏني

بل جو مقصد انٽر ٽرانسپورٽ خدمتن ۾ بهتري لاءِ پاڪستان انشورنس اٿارٽي جو قيام آهي

اسلام آباد (اين اين آءِ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 14

سنڌ حڪومت صحافين جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا آهن: نذير الرحمان ميمڻ

ڪوشش آهي ته پريس ڪلب ميمبرن کي ڏنل پلاٽن ۾ ٻڌل صحافي ڪالونين جا مسئلا حل ڪيا وڃن

سيڪريٽري اطلاعات ڪراچي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (بيورو) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نذير الرحمان ميمڻ ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي ۽/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 12

سنڌ هاءِ ڪورٽ 9 مئي سانحي الزام ۾ 21 جوابدارن جون درخواستون گڏ ڪري ڇڏيون

عدالت سمورين درخواستن گڏ ڪندي ضمانت بابت درخواستن تي ٻڌائي فيصلو تي مقرر ڪري ڇڏي

جنهن جا نالا ايف آءِ آر ۾ نه آهن انهن کي پڪڙيو پيو آهي: درخواست گذارن جا وڪيل

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ 9 مئي سانحي جي الزام ۾ گرفتار 21 جوابدارن جي ضمانتن بابت درخواستن گڏ ڪري ڇڏيون / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 11

آرمي چيف جنرل عاصم منير سان جونئر اسڪوائش چيمپئن حمزا خان جي ملاقات

جي ايڇ ڪيو ۾ ٿيل ملاقات دوران آرمي چيف ڪيس شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني

حمزا خان آسٽريليا ۾ ورلڊ جونئر اسڪوائش چيمپئن کٽي تاريخ رقم ڪئي هئي

راولپنڊي (مر ٻا) آرمي چيف جنرل عاصم منير سان جونئر اسڪوائش چيمپئن حمزا خان ملاقات ڪئي، جي ايڇ ڪيو ۾ ٿيل ملاقات/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 10

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير سان جونئر اسڪوائش چيمپئن حمزا خان ملاقات ڪندي

سکر بس ٽرمينل لڳ نامعلوم شخص جو لاش هٿ

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال پهچايو پوسٽ مارٽم بعد ايڌي حوالي ڪيو ويو

ايڌي وارن جنازي نماز پڙهائي لاش نئين ڳوٺ قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو

سکر (د ر) آباد ٿاڻي جي حد بس ٽرمينل لڳ نامعلوم لاش هٿ 38 ساله لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي پوليس لاش تحويل ۾/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 10

ٽنڊو آدم ۾ موٽرسائيڪل جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب نوجوان عابد ڀنڀرو فوت ٿي ويو

فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊو آدم (ن ر) ٽنڊو آدم شهر جي جوڳايا ٻائي ۾ ٻن تيزرفتار موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر لڳي پيو جنهن جي نتيجي ۾ سيد هاءِ اسڪول / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 9

سنڌڙي لڳ پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي عورتن تي تشدد مزاحمت تي 2 اهلڪار زخمي

ڳوٺ ايوب نوهڙي ۾ نوهڙي برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائنڊ ڪيس جي سلسلي ۾ پوليس چڙهائي ڪئي

پوليس جي تشدد ۽ عورتن جا ڪپڙا ليڙون ٿي ويا مزاحمت ڪرڻ تي پوليس جا 2 اهلڪار زخمي ٿي پيا

سنڌڙي (ن ر) سنڌڙي پوليس جي ڳوٺ ايوب نوهڙي ۾ نوهڙي برادري جي 2 ڌرين ۾ هلندڙ ڪيس جي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 8

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ترميمي بل گڏيل طور تي منظور

ٽرانسپورٽ لاءِ سنڌ حڪومت گهڻو ڪجهه ڪري رهي آهي جيئن ماڻهن کي وڌ کان وڌ سفر جون سهولتون ملي سگهن: شرجيل ميمڻ

پاڻي جي ورهاست ۾ ڪي پهريان کان بهتر ڪيو آهي جتان شڪايت هئي اتي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو آهي: ناصر حسين شاهه

ڪراچي (بيورو) سنڌ اسيمبلي جو اجلاس جمعي تي هڪ ڪلاڪ 30 منٽ دير سان اسپيڪر آغا سراج دراني جي صدارت ۾ شروع ٿيو ايوان جي ڪارروائي دوران جڏهن سوالن جي وقفي جو مرحلو آيو ته سوال / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 4

ٻيٽ شاهه ۾ ڪارونهن الزام هيٺ ويڳي ٻيٽ پسٽل جا فائر ڪري ماءُ کي قتل ڪري ڇڏيو، جوابدار گرفتار، ڏوهه جو اعتراف

ويڳي ٻيٽ اسرار لاشاري پنهنجي ماءُ شازيه لاشاري کي امام الدين پلال سان غير شرعي لاڳاپا قائم رکڻ جي الزام هيٺ ڪارو ڪري قتل ڪري ڇڏيو

پوليس ڪارونهن الزام هيٺ ماءُ امام الدين کي گرفتار ڪري ورتو، ماءُ جي قاتل جوابدار پوليس وٽ پهچي گرفتاري ڏني، ڏوهه جو اعتراف

مٽياري (رپورٽ: فدا حسين سولنگي) ٻيٽ شاهه جي ڪچي آبادي جي رهواسي عورت شازيه لاشاري کي پنهنجي ويڳي ٻيٽ 25 اسرار لاشاري ولد گلاب لاشاري پنهنجي والده 35 ساله شازيه لاشاري کي امام الدين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 5

مٽياري: ڪارونهن الزام هيٺ قتل ٿيل عورت جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

اينٽي ڪرپشن عدالت اڳوڻي ڊي جي ايس بي سي اي منظور ڪاڪا جي درخواست ضمانت تي ٻڌڻي 9 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو) اينٽي ڪرپشن عدالت اڳوڻي ڊي جي ايس بي سي اي منظور ڪاڪا / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 4

ڪراچي ۾ بي رحم گرمي جولاءِ ۾ 13 ماڻهن کان حياتيون کسي ورتيون

ڪراچي (بيورو) شهر ۾ بي رحم گرمي جولاءِ ۾/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 5

روهڙي نارا ڪئنال ۾ وهنجندي 2 نينگر ٻڏي ويا، هڪ فوت، هڪ کي بچايو ويو

سخت گرمي سبب 2 نينگر وهنجڻ لاءِ نارا ڪئنال ۾ لٿا ته ٻڏي ويا، پوليس ريسڪيو ٽيم هڪ ڄڻي غلام مصطفيٰ کي بيهوشي جي حالت ۾ ٻاهر ڪڍي ورتو

ٻڏي ويل 11 ورهين جي فاروق پٺاڻ جي لاش جي ڳولا جاري، جنهن جو لاش هٿ نه اچي سگهيو

روهڙي (ن ر) روهڙي ٿاڻي جي حد نارا ڪينال ۾ وهنجندي 2 ڄڻا ٻڏي ويا ريسڪيو هڪ ڄڻي غلام مصطفيٰ کي ٻاهر ڪڍيو ويو هڪ ڄڻو ٻڏي فوت ٿي ويو تفصيل موجب نارا ڪئنال ۾ 2 نينگر گرمي سبب وهنجڻ لاءِ لٿا ته ٻڏي ويا ماڻهن پوليس کي اطلاع ڏنو ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي ريسڪيو ڪرڻ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 6

مورو ويجهو جوابدار ڪارونهن الزام هيٺ پنهنجي سڳوٽ ۽ نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ سهراب چانڊيو ۾ جوابدار جڙيل چانڊيو پنهنجي سڳوٽ ارم ۽ نوجوان وهاب چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال آندا جتان مقتولن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا، جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن: پوليس

مورو (دين محمد ڪلهوڙو) مورو ويجهو رند موري وجهي ڳوٺ سهراب چانڊيو ۾ جوابدار جڙيل چانڊيو پنهنجي سڳوٽ ارباب جي ڌيءُ ارم چانڊيو ۽ نوجوان وهاب چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ۽ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 7

ٽيٽي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، سرڪاري جو شاهد جي بيان تي اعتراض هر صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: ارباب چانڊيو

فرياد ۽ جوابدار ڌر سرڪاري شاهد به عدالت ۾ پيش ٿيا، عادل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ارباب چانڊيو فرياد پرويز ۽ شاهدن سميت پيش ٿي

سردار چانڊيو ۽ برهان چانڊيو ڪيس ۾ ديرجا حربا استعمال ڪري رهيا آهن پر اسان باوجود هر صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

دادو (رپورٽ: علي گل) ارباب چانڊيو جي ٽن ڳهريلين جي قتل ڪيس بابت دادو جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي، فرياد ۽ جوابدار ڌر سرڪاري شاهد به عدالت ۾ پيش ٿيا عادل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ارباب / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 8

ڪارونجهر جي نيلامي خلاف جسقم ۽ قومي عوامي تحريڪ جا مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا

حيدرآباد، ملير ڪوٽڙي، ٺٽو، مٽياري، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو آدم، ڪنڊيارو، لاڙڪاڻو، ٽنڊو باگو سميت ٻين شهرن ۾ احتجاج ڪيو ويو

سڪرنڊ، شهدادپور، سجاول، ميرپوربٺورو، گهوٽڪي ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري قومي ورثي جي تحفظ جو مطالبو ڪيو ويو

حيدرآباد (ٽماڻڪين وڻان) ڪارونجهر جي نيلامي خلاف جسقم ۽ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، جڏهن ته حيدرآباد، ملير، ڪوٽڙي، ٺٽو، مٽياري،/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 9

ٺل ۾ رولو ڪتن جي ڏاڙهن سبب 3 ڄڻا زخمي

ٺل (ن ر) ٺل شهر جي رهواسي جوڪ وڏو رنگ ٻڌي نينگري سراج خاتون کي چڪ هڻيو ته /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 6

سکر ۾ نامعلوم هٿيارٻندن جي ٻيڙي دڪان تي چڙهائي، دڪاندار کان موبائل فون ڦري ويا

سکر (د ر) سکر ۾ الجلال هٿيارٻندن ٻيڙي جي دڪان تي چڙهائي ڪري نقدي ۽ موبائل/ ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 7

حيدرآباد: ڪارونجهر جي نيلامي خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول ويجهو جي يو آءِ ڪارڪنن جي گاڏي سان حادثو، هڪ فوت، 11 زخمي

جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ بعد واپس اينڊي جي يو آءِ ڪارڪنن جي سوزڪي پڪ اپ ڪلٽي ٿي پئي

حادثي جي نتيجي ۾ هڪ ڪارڪن فوت ۽ 11 زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

سجاول (د ر) جي يو آءِ ڪارڪنن جي سوزوڪي پڪ اپ سان حادثو هڪ فوت 11 ڪارڪنن زخمي ٿي پيا جمعيت علماء اسلام پاران هڪ ڏينهن اڳ ڪارونجهر جي نيلامي خلاف ٺٽو پارڪر ۾ ٿيل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 11

سجاول: روڊ حادثي ۾ فوت ۽ زخمي ٿيل جي يو آءِ ڪارڪن

فيض گنج لڳ 7 ورهين جي نينگري سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو

فيض گنج (ن ر) فيض گنج لڳ 7 ورهين جي نينگري سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 25

Reged: No. SC-NS-44
ABC
THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)
روزاني مهراڻ
چيف ايڊيٽر
فقير منٺار مگريو
حيدرآباد، سنڌ

پرنٽر ۽ پبلشر: فقير منٺار مگريو

هي اخبار ڪنگري پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي پلاٽ نمبر 956، بابن شاھ ڪالوني ٽنڊي سڙڪ حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

اسان جي ويب سائيٽ وزٽ ڪندا
www.dailymehran.com.pk

Regd: No. 2541- A
WhatsApp No. 0308-0038335

خبرن لاءِ اي ميل ايڊريس: dailymehran12345@gmail.com, daily_mehran@yahoo.com

هيڊ آفيس فون نمبر: 022-2782734-2783970-2783971 فيڪس: 022-2783972

ڇنڇر 05 آگسٽ 2023ع بمطابق 17 محرم الحرام 1445ھ

گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اڄوڪي گڏجاڻي ڪنهن جي مفادن لاءِ فيصلو ڪندي؟

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ چيو آهي تہ اسان ٽن مهينن جي موڪل تي وڃڻ وارا آهيون ۽ موڪل پوري ٿيڻ تي اسان ٻيهر واپس اينداسين جنهن لاءِ اسان سڀئي تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون آهن. جڏهن تہ ٻئي طرف اهڙا خبرون هلي رهيون آهن تہ موجوده حڪومت هلندڙ مهيني جي ناٿين تاريخ تي ختم ٿي ويندي ۽ وزيراعظم شهباز شريف سميت چئني صوبن جا وڏا وزير پنهنجي هٿ سان اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪندا جڏهن تہ ان کان اڳ آئين ۾ ڏنل طريقيڪار موجب سڄي ملڪ ۾ نگران حڪومتن جي سلسلي ۾ اعلان پڻ ڪيو ويندو جيئن تہ نگران حڪومتن جي سلسلي ۾ نگران وزيراعظم ۽ چئني صوبن ۾ نگران وڏا وزير مقرر ٿيندا تن جي مقرري لاءِ اتحادي سرڪار ۾ شامل سڀني پارٽين جي پنهنجي مشاورت مڪمل ڪري ورتي آهي تہ ٻئي طرف نگران وزيراعظم جي مقرري جو ڇالو فائنل ڪرڻ جا اختيار اتحادي پارٽين وزيراعظم شهباز شريف کي ڏئي ڇڏيا آهن. نگران وزيراعظم ڪير ٿيندو تنهن بابت هن وقت تہ ڪيترائي نالا گردش ڪري رهيا آهن ۽ اهي بہ اطلاع آهن جن شخصيتن جا نالا سامهون اچي رهيا آهن تن سان لاڳاپيل ماڻهن وري اڳواٽ ئي شيروانيون پڻ تيار ڪرائي ڇڏيون آهن...

معاشري جا بنيادي مسئلا ۽ دانشورن جو ڪردار

طفيل مگسي

ملفوظات سيد محمد راشد روزي ڌڻي رحمة الله عليه

نقل: هيڪر پاڻ مثال طرح بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن عطر فروش جي دڪان تي وڃي ۽ اهو عطار خالص عطر مان هڪ قطرو ڪپڙي ۾ مکي تہ سندس سارو لٻاس خوشبودار ۽ معطر ٿي پوندو، پر جيڪڏهن اهو شخص وڃي پنهنجي بدن کي غلاظت ۽ گندگي ۾ اڇلائي بدبو پيدا ڪندو تہ عطر فروش ذميوار نہ چئبس.

اي عزيز: عطار مان مراد آهي مرشد ڪامل ۽ عطر مان مقصود آهي فيض معنوي جنهن سان ماڻهو جو روح، دل بلڪ سمورو جسم معطر ٿي وڃي ٿو، پر جيڪڏهن مرشد وٽان ڪو شخص اهڙا معطر ٿي ورڃي دنيا جي غلاظت ۽ پليتي ڏانهن رجوع ڪندو ۽ ان جي محبت ۾ محو ٿي پنهنجو روح جسم سڀ پوري خراب ڪري وجهندو تہ ان ۾ سندس مرشد ذميوار ناهي. جيئن تہ انهي پليت دنيا جي پليتي ڏانهن حديث شريف ۾ اشارو وارد ٿيل آهي تہ "الدنيا ڪنيفت الآدم"

يعني دنيا انسان جي لاءِ موريءَ جي مثال آهي.

(جلد پهريون صفحو نمبر 360)

ڪارونجھر جو تحفظ، سنڌ جي بقا آهي...!!

صاحب خان پٽي

ڏاڪاريا، ڏاڙهين تا

سيد غلام حيدر شاھ قلندري

بقايا 01

جي زوال ڪانهي؟ انسان مستقل تڪليفن ۾ مبتلا آهن هتي ان تي زور ڏنو ته انسان اڳتي وڌي رهيو آهي هو خلائن منجهان سگهي رهيو هو ته مڪمل ڏاڍهن رجي رهيو آهي ماضي جو تجربو اسان جي اڳيئن کي وڏائي ڏي ۽ دب جي ذريعي سياسي نظام تي هڪ چوٽ هنئي چوته اڄا ذاتين حڪمران مطلق العنان هوندو هو ۽ صرف خدا جي سامهون ۽ جاڻهن هو عوام کي ڪجھ ڏيندو هو ته ان جي مهرباني هئي ۽ هالي روسو جي نظرين جي تحت حڪمران جي طاقت ان جي عوام جي رچ ۽ معاهدي جي نتيجي ۾ هئي ۽ عوام کي اهو حق هو ته هو پنهنجن حقن جو مطالبو ڪري ان بادشاهه جي حيثيت کي گهٽ ڪري ڇڏيو ۽ عوام جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو ۽ انهن ئي بنيادن تي جمهوري قدرن ۽ روايتن جو فروغ ٿيو پاڪستاني معاشرو هن وقت جنهن انتشار افراتفري ۽ جوڙ توڙ جو شڪار آهي ان ڪري پاڪستان جي دانشورن جون ذميواريون آهن ته هو معاشري ۾ ذهني تبديلي ڪئي اچن ۽ خاص طور تي تعصبن هتن ۽ تنگ نظري جي خلاف جدوجهد ڪن پاڪستاني معاشري ۾ جت خواندگي جي شرح گهٽ آهي ۽ تحريڪ جي دانشورن راءِ جي اظهار ۽ عمل جي آزادي تي زور ڏنو ۽ ٿورائي کي سمورن نظرين جي جانچ جو معيار بڻايو هتر رياست ۾ ان جي ادارن تي تنقيد ڪئي ۽ ان تي زور ڏنو ته اها تنقيد ٿيندي رهي چوته جيڪڏهن اقتدار ڪجھ ماڻهن جي هٿن ۾ رهيو ته ان سان بدعنواني پيدا ٿيندي ۽ گهڻائي پنهنجن حقن کان محروم رهندي هتن ان جي نشاندهي ڪئي ته رياست جو مقاصد ڪمزور جو دفاع ڪرڻ آهي ۽ طاقتورن جو دفاع ڪرڻ نه آهي ۽ طاقتورن کي جبر کان روڪڻ آهي ۽ اهو ته ڪو معاشرو ان وقت تائين ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين ان جي گهڻائي غريب ۽ مجبور هجي.

روسو سماجي معاهدي جي مطابق جت ڪتاب پڙهڻ وارن جو انگ گهٽ آهي هڪ اهڙي معاشري ۾ ڪنهن لکڻ واري جي لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هو لکڻ کي پنهنجو ذريعو بڻائي ۽ ان جي آمدني تي پنهنجو گذارو ڪري سگهي ان ڪري اڪثر لکڻ وارا لکڻ کي وقتي طور اختيار ڪن ٿا ۽ روزي جي لاءِ نوڪريون ڪن ٿا نوڪري هئڻ جي حيثيت سان پهرين ته انهن جي آزادي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هو ان حيثيت ۾ نه رهن ته پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهن خاص طور تي اسان جي معاشري ۾ سرڪاري ۽ نجي ملازمت تي سياست ۾ حصو وٺڻ تي پابندي آهي ۽

…

لا تعلقي جو اعلان

جيئن ته اسان جو پٽ غلام نبي ولد لعل محمد پنهوار غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي، جنهن ڪري هو غلط ڪمن ۾ ملوث آهي جنهن ڪري اسان هن کي پنهنجي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي. هن اخباري بيان وسيلي هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته غلام نبي سان ڪو به ماڻهو ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو اهو پاڻ ذميوار هوندو اسان جو ڪو به واسطو ناهي جيڪڏهن ڪنهن سان ڪو نقصان ڪري ته اسان جو واسطو ناهي ان جو هو ذميوار پاڻ رهندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

المشتهر غلام رسول پنهوار ولد جاڪر
شناختي ڪارڊ نمبر 4420480256469

ٻوڏ متاثرن کي گهرن ۽ مالڪي جا حق سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب نوابشاهه ۾ ٿي گذري

بلاول ڀٽو جي ويزن تحت متاثرن کي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن: ڊاڪٽر عذرا افضل پيچوهو

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ به خدمت جاري رکندي

نواب شاهه (ب ن) سنڌ حڪومت جي سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز تحت برسات ۽ ٻوڏ متاثرين کي گهرن ۽ زمين جي مالڪي جا حق ڏيڻ لاءِ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب نوابشاهه جي مقامي هال ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا افضل پيچوهو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته سنڌ حڪومت، بلاول پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ...

متاثرين کي سرڪار جي بنيادي سهولتن کانسواءِ انهن کي گهر ۽ زمين جا مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن ان ڪڙي ۾ اڄ ضلعي شهيد بينظير آباد جي 500 عورتن ۾ پڪين گهرن جي زمين تحت سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا آهن ... ضلعي ۾ 13 هزار 590 برسات ۽ ٻوڏ متاثرين کي سنڌن گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا ويندا ... 17 هزار 295، ... 39 هزار 374 ...

نوابشاهه: ٻوڏ متاثرن کي گهرن ۽ مالڪي جا حق سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تقريب